# امام احمد رضا رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جا ارشاد

سنڌي



پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمينٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفڪر بيروت)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي چڏيو)**


رسالي جو نالو: امام احمد رضا خان رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه جا ارشاد

ڇاپو پهريون: شوال المكرم 1442ھ اَپريل 2021ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه جا ارشاد

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

## امام احمد رضا رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جا ارشاد


دعاءِ عطار: ........ 1
درود شريف جي فضيلت ........ 1
تعارفِ اعليٰ حضرت ........ 2
علمِ خداوندي جي شان ........ 3
آخري نبي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جو شان ........ 3
تبرڪات مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ........ 5
فيضان انبياء و اولياءِ ڪرام (عَلَيهِم السَّلَام و رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِم) ........ 5
صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جا نالا ........ 6
فيضان علم ءِ علماء ........ 6
شريعت جي پابندي ........ 7
موت جي تياري ........ 10
مسلمان پائرن سان خيرخواهي ........ 10
باطني بيماريون ........ 11
شيطان جا فريب ........ 12
فجر جي نماز جي جماعت حاصل ڪرڻ جو نسخو ........ 13
مختلف ارشادات رضا ........ 13

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# امام احمد رضا خان رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جا ارشاد

## دعاءِ عطار:

ياالله پاڪ! جيڪو مڪمل رسالو ”امام احمد رضا رَحْمَةُ الله عَلَيْه جا ارشاد“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي حضرت امام احمد رضا خان(رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه) جي فيضان سان مالامال ڪري بنا حساب جي جنت الفردوس ۾ داخلا نصيب فرماءِ.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صلّى الله عليه واٰلهٖ وسلَّم

## درود شريف جي فضيلت

والدِ اعليٰ حضرت، علامہ مولانا مفتي نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ درود (شريف) دنيا وما فيها (يعني دنيا ۽ جيڪو ڪجھ ان ۾ آهي انهن سڀني) کان بهتر ۽ ٻنهي جهانن جي لاءِ ڪافي آهي. هن جو ثواب هزار سال جي عبادت کان وڌيڪ ۽ هن جو مرتبو اڪثر عباداتِ بدنيہ ۽ ماليہ قوليہ(يعني جسماني، مالي ۽ زبان جي عبادات) کان اعليٰ آهي ۽ هيءُ فضل ۽ عنايت هن اُمّتِ بابرڪت تي اُن صاحبِ دولت صلّى الله عليه واٰلهٖ وسلَّم جي بدولت آهي، نہ تہ اسان هن عنايت جي لائق نہ هئاسين ۽ نہ ئي ان جي ڪرامت(يعني بزرگي) جي مستحق هئاسين. (سرور القلوب في ذكر المحبوب، ص 340 بتغير و تسهيل)

گرچہ ہیں بے حد قصور تم ہو عَفُوٌ و غَفُور
بخش دو جُرم و خطا تم پہ کروروں درود

(مشڪل لفظ: عفو: معاف ڪرڻ وارا، غفور: بخشڻ وارا)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# تعارفِ اعليٰ حضرت

سرڪارِ اعليٰ حضرت، امام اهلسنت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ولادتِ باسعادت بريلي شريف جي پاڙي جَسُولي ۾ 10 شَوَّالُ المُڪَرَّم 1272ه، ڇنڇر جي ڏينهن ظهر جي وقت بمطابق 14 جون 1856ع تي ٿي. (حيات اعليٰ حضرت 58/1)

سندن جو نالو مبارڪ "محمد" آهي ۽ سندن جا ڏاڏا سائين احمد رضا چئي ڪري سڏيندا هئا، پوءِ ان ئي نالي سان مشهور ٿيا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه گهٽ ۾ گهٽ 50 علوم تي قلم ڪنيو ۽ نهايت علمي ڪتاب لکيائون. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اڪثر ڪتاب لکڻ ۾ مصروف رهندا هئا. پنجن ئي نمازن جي وقت مسجد ۾ حاضر رهندا هئا ۽ هميشه نماز جماعت سان ادا فرمائيندا هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مختلف عنوانن تي لڳ ڀڳ هڪ هزار ڪتاب لکيا آهن.

(تذڪره امام احمد رضا، ص 16)

اي عاشقانِ امام احمد رضا! امام اهلسنت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا مختلف ارشاد مبارڪ پڙهو ۽ علمِ دين جو خزانو لٽيو، هي ارشاد امام احمد رضا سيّدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مختلف ڪتابن مان ورتا ويا آهن. ولي ڪامل، عاشقن جي امام، امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا فرمان توهان جي زندگي جي مختلف شعبن ۾ نهايت ڪارآمد "رهنما اصول" ثابت ٿيندا. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

جي پنهنجي علمي شان ۾ اُن وقت جي اُردو جي اعتبار سان هنن ارشادن کي ڪوشش آهر آسان لفظن ۾ پيش ڪرڻ جي لاءِ موقعي جي مناسبت سان بريڪيٽ لڳايا ويا آهن، الله پاڪ اسان کي ارشاداتِ امام احمد رضا(رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه) تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّى الله عليه واٰلهٖ وسلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## علمِ خداوندي جي شان

(1) بلاشبہ حق اهوئي آهي تہ تمام نبين ۽ رسولن ۽ مقرب ملائڪن اڳوڻن ۽ پوين جو سمورو علم ملي ڪري بہ علمِ باري(يعني الله پاڪ جي علم) ڪان اها نسبت نٿو رکي سگهي جيڪا نسبت هڪ ڦڙي جي ڪروڙين حصّي کي ڪروڙين سمندرن سان آهي.
(فتاويٰ رضويه، جلد14، ص 1377)

## آخري نبي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جو شان

(2) ڪابہ دولت، ڪا نعمت، ڪا عزت جيڪا حقيقي طور دولت ۽ عزت هجي اهڙي ناهي جو الله پاڪ ڪنهن بي کي ڏني هجي ۽ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کي عطا نہ ڪئي هجي. جيڪو ڪجهہ جنهن کي عطا ٿيو يا عطا ٿيندو دنيا ۾ يا آخرت ۾ اهو سڀ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ۾ طفيل عطا ٿيو، ۽ حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي هٿان عطا ٿيندو. (فتاويٰ رضويه، 29/93)

(3) اُمّت جا سيئي قول ۽ فعل ۽ عمل روزانو بہ وقت سرڪارِ عالي وقار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي دربار ۾ پيش ڪيا ويندا آهن. (فتاويٰ رضويه،29، 568)

(4) ”ڪن وڄڻ“ جو اھوئي”سبب“ آھي جو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي امتي چوڻ جو آواز ھر وقت بلند آھي، ڪڏھن اسان غافل ۽ گنھگارن جي ڪنن تائين بہ پھچندو آھي، روح انکي سجاڻندو آھي.

(5) ميلاد مبارڪ جي محفل، سيّدِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ذڪر شريف آھي ۽ ”حضور“ جو ذڪر”الله پاڪ“ جو ذڪر آھي ۽ ذڪرِ الٰھي کان هرويرو (بغير شرعي سبب جي) منع ڪرڻ **”شيطان جو ڪم“** آھي.
(فتاويٰ رضويه،668/14)

(6) حضوراقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ توڙي ڪنھن ٻي نبي يا ولي کي”ثواب بخشڻ چوڻ“ بي ادبي آھي، ”بخشڻ“ وڏي جي طرفان ننڍي کي ھوندو آھي، بلڪ نذر ڪرڻ يا ھديو(يعني گفٽ) ڪرڻ چئي.

(فتاويٰ رضويه،609/26)

(7) ھدايت تہ نبيّ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مڃڻ تي موقوف آھي جيڪو سندن کي نہ مڃي ان کي ھدايت ناھي ۽ جڏھن ھدايت ناھي تہ ايمان ڇاجو؟ (فتاويٰ رضويه،703/14)

(8) شريعت حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا قول آھن ۽ طريقت حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا فعل ۽ حقيقت حضور جا احوال ۽ معرفت حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا بيمثال علوم آھن. (فتاويٰ رضويه،460/21)

(9) مسلمان جي دل ۾ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو وسيلو وٺڻ رچيل بسيل آھي. انھن جي ڪابہ دعا توَسُّل کان خالي ناھي ھوندي جيتوڻيڪ ڪجھ وقت زبان سان نہ چون. (فتاويٰ رضويه، 194/21)

(10) نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بلڪ سيني نبين ۽ الله پاڪ جي ولين

جي ياد ۾ ”خدا جي ياد“ آهي انکري جو اهي الله جا نبي آهن، هي الله جا ولي آهن. (فتاويٰ رضويه، 529/26)

## تبرڪات مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ

(11) نبي (ڪريم) صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آثار ۽ تبرڪاتِ شريف جي تعظيم دينِ مسلمان جو فرض عظيم آهي. (فتاويٰ رضويه،414/21)

(12) تبرڪاتِ شريف بہ الله پاڪ جي نشانين مان عمده (يعني بهترين) نشانيون آهن انهن جي ذريعي دنيا جي ذليل رقم حاصل ڪرڻ وارو دنيا جي بدلي دين وڪڻڻ وارو آهي. (فتاويٰ رضويه، 417/21)

(13) سڄي امت تي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو حق آهي جو جڏهن حضور پرنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آثارِ شريف (يعني تبرڪات) مان ڪا شيءِ ڏسو يا اها شيءِ ڏسو جيڪا حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آثار مبارڪ مان ڪنهن شيءِ تي دلالت ڪندي هجي تہ اُن وقت ڪمالِ ادب ۽ تعظيم سان حضور پرنور سيّدعالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو تَصوُّر آڻيو ۽ درود و سلام جي ڪثرت ڪيو. (فتاويٰ رضويه،422/21)

## فيضان انبياء و اولياءِ ڪرام (عَلَيهم السَّلَام و رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِم)

(14) عالم ۾ انبياءِ ڪرام عَلَيهم السَّلَام ۽ اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جو تَصَرُّف (يعني اختيار) دنيا جي زندگي ۾ ۽ وصال کان پوءِ بہ الله پاڪ جي عطا سان جاري ۽ قيامت تائين ان جي فيض جو درياء جاري رهندو. (فتاويٰ رضويه،616/29)

(15) محبوبانِ خدا جي طرف وڃڻ ۽ وصال کان پوءِ انهن جي قبرن تي وڃڻ ٻئي برابر آهن جيئن امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه امام ابو حنيفہ

رَحْمَةُاللّٰہِعَلَيْهجي مزارِ فائضُ الانوار تي ويندا ها. (فتاويٰ رضويه جلد7 ص607)

(16) محبوبانِ خدا (يعني الله وارا) آيتِ رحمت(يعني رحمت جي نشاني) آهن، اهي پنهنجو نالو وٺڻ واري کي پنهنجو کري وٺندا آهن ۽ اُن تي نظرِ رحمت رکندا آهن. (فتاويٰ رضويه، 508/21)

(17) مشائخ ڪرام دنيا ۾ دين ۾ سڪرات ۾ قبر ۾ حشر سيني حالتن ۾ پنهنجي مريدن جي اِمداد فرمائيندا آهن. (فتاويٰ رضويه،464/21)

(18) برڪت وارن جي طرف جنهن شيءِ جي نسبت ڪئي ويندي آهي ان ۾ برڪت اچي ويندي آهي. (فتاويٰ رضويه، جلد9 ص614)

## صحابہ کرام عَلَيْهِم الرِّضْوَان جا نالا

(19) صحابہ ڪرام(عَلَيْهِم الرِّضْوَان) ۾ ويهن کان وڌيڪ اصحابن جو نالو"حَڪَم" آهي، تقريباً ڏهن اصحابن جو نالو"حَڪيم، ۽ سٺ کان وڌيڪ جو نالو"خالد" ۽ هڪ سؤ کان وڌيڪ جو نالو"مالڪ" آهي.
(فتاويٰ رضويه، 359/21)

## فيضان علم ۽ علماء

(20) هي لفظ تہ "مولوي ماڻهو ڇا ٿا ڄاڻين" هن سان ضرور علماء جي تحقير (توهين) نڪري ٿي ۽ علماءِ ڪرام جي تحقير(يعني توهين) ڪفر آهي. (فتاويٰ رضويه، 244/14)

(21) عالمِ دين ڪي، جنهن جي علم جي هن شهر جي ماڻهن کي حاجت آهي ان(عالم) کي اُتان هجرت ڪرڻ ناجائز آهي، هجرت تہ پري جي ڳالهہ ٿي، علماء ان کي پري سفر ڪرڻ جي بہ اجازت نٿا ڏين. (فتاويٰ رضويه، 282/21)

(22) شريعت جي عالمن جي حاجت هر مسلمان کي هر وقت هوندي آهي ۽ طريقت ۾ قدم رکڻ واري کي اجان وڌيڪ. (فتاويٰ رضويه، 535/21)

(23) عام ماڻهو هرگز ڪتابن مان احڪام ڪڍڻ تي قادر ناهن. هزارين جڳهن تي غلطي ڪندا ۽ چا مان چا سمجهندا، انهيءَ ڪري اهو سلسلو مقرر آهي ته عوام اڄڪلهه جي اهلِ علم ۽ علماءِ دين جو دامن پڪڙي. (فتاويٰ رضويه،462/21)

(24) جاهلن کان فتويٰ وٺڻ حرام آهي. (فتاويٰ رضويه،426/12)

## شريعت جي پابندي

(25) جنهن جو ظاهر شريعت جي زيورکان آراسته ناهي(يعني جيڪو ظاهري طور تي شريعت جي احڪام جي پابندي ناهي ڪندو) اهو باطن ۾ به الله پاڪ سان مخلص ناهي هوندو. (فتاويٰ رضويه، 541/21)

(26) شريعت ئي صرف اها ”راهه“ آهي جنهن جو مُنتهيٰ ”الله“ آهي ۽ جنهن ذريعي خدا تائين پهچڻو آهي ۽ ان کان علاوه انسان جيڪا واٽ هلندو الله پاڪ جي راهه کان پري تي ويندو. (فتاويٰ رضويه،388/29)

(27) دنيا فنا ٿيڻ واري آهي، هتي احڪامِ شريعت جون مقرّر ڪيل سزائون جاري نه ٿيڻ تي ماڻهو خوش نه ٿين. هڪ ڏينهن انصاف جو اچڻ وارو آهي جنهن ۾ سڱ واري ٻڪري کان بنا سڱ واري ٻڪري جو حساب ورتو ويندو. (فتاويٰ رضويه، 310/16)

(28) ناجائز ڳالهه کي جيڪڏهن ڪوئي بدمذهب يا ڪافر منع ڪري ته ان کي جائز نٿو چئي سگهي. (فتاويٰ رضويه،154/21)

(29) ڪنهن شيءِ جي مُمانعت قرآن و حديث ۾ نہ هجي تہ ان کي منع ڪرڻ وارو(جڻ) پاڻ حاڪم ۽ شارع (يعني صاحبِ شريعت) بڻجڻ چاهي ٿو. (فتاويٰ رضويه،405/11)

(30) شريعتِ مطهره شعر ۽ غير شعر تي حجت(يعني دليل)آهي، شعر شريعت تي حجت نٿو ٿي سگهي. (فتاويٰ رضويه، 118/21)

(31) والدين جي اطاعت جائز ڳالهين ۾ فرض آهي جيتوڻيڪ اهي (يعني والدين) پاڻ ڪبيره (گناهہ) جا مرتڪب هجن. (فتاويٰ رضويه، 157/21)

(32) جهڙي طرح اڪثر عورتون مڙسن کي پنهنجي قابوءِ ۾ ڪرڻ چاهين ٿيون تہ مڙس اسان جي چوڻ ۾ اچي وڃن جيڪو اسان چئون اهو ئي ڪن، هي حرام آهي. يا اهي چاهينديون آهن تہ پنهنجي ماءُ پيڻ کان جدا ٿي وڃي يا ان کي ڪجهہ نہ ڏي صرف مونکي ڏي، اهي سڀ مردود خواهشون آهن. اللّٰه پاڪ مڙس کي حاڪم بڻايو آهي نہ وري محڪوم (خادم). (فتاويٰ رضويه،607/26)

(33) جنّ غيب کان بلڪل جاهل (اڻ واقف) آهن، انهن کان مستقبل جون ڳالهيون پڇڻ عقلي طور بيوقوفي ۽ شرعي طور حرام ۽ جنن وٽ غيب جو علم هجڻ جو عقيدو رکڻ تہ ڪفر آهي. (فتاويٰ آفريقه، ص178)

(34) نسب جي سبب پاڻ کي وڏو سمجهڻ، تڪبر ڪرڻ جائز ناهي. (فتاويٰ رضويه 255/23)

(35) حرام ڪاڏو ڪڏهن جائز ناهي هوندو، جنهن وقت جائز هوندو آهي ان وقت اهو حرام ناهي رهندو. (فتاويٰ رضويه، 225/21)

(36) جنهن شيءِ کي خدا ۽ رسول سنو بڌائين اها سني آهي، ۽ جنهن

ڪي برو چون اها بري آهي، ۽ جنهن کان خاموشي اختيار فرمائين يعني شريعت طرفان نہ ان جي خوبي نڪري نہ برائي اها اِباحتِ اصليہ تي رهندي آهي جو ان جي فعل ۽ ترڪ(ڪرڻ يا نہ ڪرڻ) ۾ ثواب نہ عقاب(سزا) آهي. (فتاويٰ رضويه،320/23)

(37) ڪو شخص اهڙي مقام تائين نٿو پهچي سگهي جنهن سان نماز ۽ روزو وغيره احڪامِ شرعيہ ساقط (يعني معاف) ٿي وڃن جيستائين عقل باقي آهي. (فتاويٰ رضويه،409/14)

(38) جنهن جو عقل ۽ همت سلامت ۽ باقي هجي جاٽي واٽي نماز يا روزو ترڪ ڪري اهو هرگز وليُّ الله ناهي (بلڪ) وَليُّ الشيطان(يعني شيطان جو دوست آهي. (فتاويٰ رضويه 409/14)

(39) اسان جي شريعت بحمدلله اَبدي(يعني هميشہ رهڻ واري) آهي، جيڪي قاعدا هن جا پهريان هئا قيامت تائين رهندا، معاذالله هي زيد ۽ عمر جو قانون تہ آهي ئي ڪونہ جو ٿن سالن کان پوءِ بدلجي وڃي. (فتاويٰ رضويه،540/26)

(40) مسمان ٿيڻ سان بنهي جهانن جي عزت حاصل ٿيندي آهي.

(فتاويٰ رضويه، 719/11)

(41) جيڪو شخص حديث جو مُنڪر(يعني انڪار ڪرڻ وارو) آهي اهو نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو منڪر آهي ۽ اهو قرآن جو منڪر آهي ۽ جيڪو قرآنِ مجيد جو منڪر آهي الله واحد قهار جو منڪر آهي. (فتاويٰ رضويه،312/14)

(42) زبان سان سڀ چئي ڇڏيندا آهيون تہ هائو اسان ڪي الله پاڪ ۽

رسول صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي محبت ۽ عظمت سڀ کان وڌيڪ آهي پر عملي ڪاروايون امتحان ڪرائي ڇڏينديون ته ڪير هن دعويٰ ۾ ڪوڙو ۽ ڪير سچو (آهي). (فتاويٰ رضويه،177/21)

## موت جي تياري

(43) انسان هر وقت موت جي قبضي ۾ آهي، مَدۡفُوف(يعني مريض چڱو ڀلو ٿي ويندو آهي ۽ اهو جيڪو ان جي بيمار پرسي جي لاءِ ڊوڙندو هو اهو ان کان پهريان وفات ڪري ويندو آهي.

(فتاويٰ رضويه جلد9 ص 81)

## مسلمان ڀائرن سان خيرخواهي

(44) مسلمان ڀائرن کي احڪامِ اسلام جي اطلاع ڏيڻ ”خيرخواهي“ آهي ۽ مسلمانن جي خير خواهي هر مسلمان جو حق آهي. (فتاويٰ رضويه، جلد16 ص 243)

(45) حقوق العباد جيتري قدر هجن، جيڪي ادا ڪرڻا هجن(انسان انهن کي) ادا ڪري، جنهن جي معافي گهرڻي آهي معافي گهري ۽ ان معاملي ۾ بلڪل به دير نه ڪيو جو هي شهادت سان به معاف ناهن ٿيندا. (فتاويٰ رضويه، جلد 9 ص 82)

(46) جڏهن ماڻهن جي ننڊ جو وقت هجي يا ڪجهه (افراد) نماز پڙهي رهيا هجن ته ذڪر ڪيو جهڙي طرح چاهيو پر ايتري آواز سان ڪيو جو انهن کي تڪليف نه پهچي. (فتاويٰ رضويه 179/23)

(47) معافي گهرڻ ۾ چاهي ڪيتري ئي عاجزي ڪرڻي پئي هن ۾ پنهنجي بي عزتي نه سمجهي، هن ۾ ذلت ناهي. (فتاويٰ رضويه،82/9)

(48) مسلمانن کي الله پاڪ جي رضا جي لاءِ تعويذات ۽ اعمال ڏنا وڃن، دنياوي نفعي جي لالچ نہ هجي. (فتاويٰ رضويه، 608/26)

(49) مسلمانن کي نفعو پهچائڻ سان الله پاڪ جي رضا ۽ رحمت ملندي آهي ۽ ان جي رحمت ٻنهي جهانن جو ڪم ٺاهيندي آهي. (فتاويٰ رضويه، جلد9 ص 621)

(50) ايصال ثواب جهڙي طرح عذاب جي روڪڻ يا عذاب جي ڪجهہ الله پاڪ جي حڪم سان ڪم ڏيندو آهي ائين ئي بلند درجات ۽ نيڪين جي اضافي ۾ بہ ڪم ڏيندو آهي. (فتاويٰ رضويه،607/9)

## باطني بيماريون

(51) جيڪڏهن پنهنجي ڪوڙي تعريف کي دوست(يعني پسند) رکي جو ماڻهو انهن فضائلن جي ڪري ان جي تعريف ڪن جيڪي هن ۾ ناهن، تہ اهو صريح حرامِ قطعي آهي. (فتاويٰ رضويه.597/21)

(52) حُبّ ثنا (يعني پنهنجي تعريف کي پسند ڪرڻ) غالباً بُري عادت آهي ۽ ان جا نتيجا خطرناڪ آهن. (فتاويٰ رضويه،596/21)

(53) باطني نجاست ظاهري نجاست کان ڪروڙين درجہ بري آهي، ظاهري نجاست هڪ پاڻي جي لار سان پاڪ ٿي ويندي آهي ۽ باطني نجاست ڪروڙين سمندن کان بہ ناهي ڌوپجي سگهندي جيستائين سچي دل سان اِيمان نہ آڻي. (فتاويٰ رضويه،406/14)

(54) جنهن پنهنجي نفس کي سچو سمجهو اُن ڪوڙي جي تصديق ڪئي ۽ پاڻ ان جو مشاهدو بہ ڪندو. (فتاويٰ رضويه،698/10)

(55) عقل ۽ نقل ۽ تجربو سيئي گواهہ آهن تہ نفسِ اماره جو لگام

جيترو چڪبو ايترو ڏيجندو آهي جيتري قدر ڍر ڏبي اوتري قدر وڌيڪ ڦهلجندو آهي. (فتاويٰ رضويه، 469/12)

## شيطان جا فريب

(56) الله پاڪ پناه ڏي ابليس لعين جي مڪر و فريب کان، ابليس لعين جو سخت تر فريب اهو آهي ته انسان کان نيڪين جي ڏوڪي ۾ گناه ڪرائيندو آهي ۽ ماکي جي بهاني زهر پياريندو آهي. وَالْعِيَاذُبِاللهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْن (فتاويٰ رضويه،426/21)

(57) بي علم مجاهد (يعني علم دين جي بغير عبادت ۽ رياضت ڪرڻ) وارن کي شيطان اشاري سان نچائيندو آهي، وات ۾ لگام، نڪ ۾ نٿ وجهي جيڏانهن چاهيندو آهي ڇڪيندو وتندو آهي.

وَهُمْ يَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ يُحْسِنُوْنَ صُنْعًا (پ 16، الڪهف:104)

**ترجمو:** ۽ اهي هن خيال ۾ آهن ته اسان چڱا ڪم ڪري رهيا آهيون.

(فتاويٰ رضويه،528/21)

(58) جيڪو شيطان کي پري سمجهندو آهي شيطان ان جي تمام ويجهو هوندو آهي. (فتاويٰ رضويه، 686/23)

(59) جنهن تي شيطان جا وسوسا لڪيل هجن اُن انسان تي برائي ۽ ڀلائي ۾ شبهو ٿي ويندو آهي ۽ شيطان ان کي ڀلائين کان برائين جي طرف وٺي ويندو آهي ۽ ان ڳالهه کان باعمل عالم سگهورا ئي آگاهه ٿي سگهن ٿا. (فتاويٰ رضويه، 685/10)

## فجر جي نماز جي جماعت حاصل ڪرڻ جو نسخو

(60) سمهڻ مهل الله پاڪ کان باجماعت نماز حاصل ڪرڻ جي دعا ڪيو ۽ ان تي سچو توڪل ڪيو تہ موليٰ ڪريم جڏهن توهان جي حُسنِ نيّت ۽ صدقِ عزيمت(يعني سُني نيت ۽ ارادي جي سچائي) ڏسندو تہ ضرور توهان جي مدد فرمائيندو. (فتاويٰ رضويه، 90/7)

## مختلف ارشاداتِ رضا

(61) اڄڪلهہ اڪثر ماڻهو ڏيئڙن جي نڪاح جي لاءِ پِنندا آهن ۽ هنن جي پنڻ جو مقصد مُروجہ رسمن جو پورو ڪرڻ هوندو آهي، جيڪڏهن اُهي رسمون بلڪل بہ شرعي حاجت ۾ شامل ناهن تہ انهن جي لاءِ سوال حلال نتو ٿي سگهي. (فضائل دعا، ص 270)

(62) نڪاح شيشو آهي ۽ طلاق پٿر، شيشي تي پٿر خوشي سان اڇلايو يا زبردستي سان يا پاڻ هٿ مان ڇڏائجي وڃي شيشو هر طرح سان ٽٽي پوندو. (فتاويٰ رضويه 385/12)

(63) اهلِ قبور(يعني قبر وارن) جي قوّتِ سامعہ (يعني ٻڌڻ جي طاقت) ايتري قدر تيز ۽ صاف ۽ قوي تر(يعني مضبوط) آهي جو نباتات (يعني بوٽن) جي تسبيح جنهن کي اڪثر احياء (يعني زنده ماڻهو) ناهن ٻُڌي سگهندا (قبر وارا ان کي) بِلا تڪلف (يعني بنا ڪنهن تڪليف جي) ٻڌندا ۽ ان مان راحت حاصل ڪندا آهن.

(فتاويٰ رضويه، 760/9)

(64) سنتِ نبوي اها آهي تہ جتي انسان کان ڪا خطا واقع ٿئي عملِ صالح (يعني نيڪ عمل) اتان کان هتي ڪري(يعني ٻي هنڌ نيڪ

عمل ڪري). (فتاويٰ رضويه،609/7)

(65) جيڪو تندرست هجي درست اعضاء رکندو هجي نوڪري ڪندو هجي يا چاهي مزدوري، جيتوڻيڪ ننڍڙي ٺوڪري ڳولڻ جي ذريعي ڪمائي سگهندو هجي ته ان کي سوال ڪرڻ (يعني پنڻ) حرام آهي. (فتاويٰ، 416/21)

(66) پريشان نَظري (بلاضرورت هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ) ۽ آواره گردي باعثِ محرومي آهي. (فتاويٰ رضويه،475/21)

(67) ڪيئي عيار (ڌوڪي باز) پنهنجي بچاءُ ۽ مُسلمانن کي ڌوڪو ڏيڻ جي لاءِ زباني توبه ڪري وٺندا آهن ۽ قلب (يعني دل) ۾ اهو ئي فساد پريل هوندو آهي. (فتاويٰ رضويه،146/21)

(68) حقيقي طور سچي دوستي اها آهي ته غلطي تي آگاهه ڪيو وڃي. (فتاويٰ رضويه،371/16)

(69) ڪافي پيرا تجربيڪار گهٽ علم وارن جي راءِ ڪنهن انتظامي امر (معاملي) ۾ ناتجربيڪار علم واري جي راءِ کان وڌيڪ درست ٿي سگهي ٿي. (فتاويٰ رضويه،128/16)

(70) ماءُ پيءُ جيڪڏهن گناهه ڪن ٿا ته انهن کي به نرمي ۽ اَدب سان گذارش ڪري جيڪڏهن مڃي وٺن ته بهتر نه ته سختي نٿو ڪري سگهي بلڪ غيبت (يعني غير موجودگي) ۾ انهن جي لاءِ دعا ڪري. (فتاويٰ رضويه، 157/21)

(71) ڪافر کي ”رازدار بڻائڻ مطلقاً ممنوع آهي جيتوڻيڪ امورِ

دُنيوِيه ۾ هجي، اهي جيتري قدر ممڪن هوندو اسان جي برائي چاهڻ ۾ گهٽتائي ڪونه ڪندا. (فتاويٰ رضويه،233/21)

(72) فُحش ڪلم (يعني بي حيائي واري گفتگو) کان هميشه اجتناب ڪرڻ گهرجي. (فتاويٰ رضويه،294/21)

(73) نياز جو ڪاڌو اهڙي جڳهه هجڻ بهتر آهي جنهن جو ڪو حصّو اڇلايو نه وڃي، جيئن زَردو يا حلوو يا اُباريل چانور يا اهي پلاءَ جنهن ۾ هڏيون الڳ ڪيون ويون هجن. (فتاويٰ رضويه، 612/9)

(74) پنهنجي ۽ پنهنجي احباب جي نفس ۽ اهل ۽ مال ۽ ولد(يعني پنهنجي دوستن ۽ انهن جي اولاد وغيره) کي بددعا نه ڏئي، ڪهڙي خبر ته قبوليت جو وقت هجي ۽ مصيبت ۾ پَوڻ کانپوءِ وري ندامت ٿئي. (فضائلِ دعا، ص 212)

(75) بار کي پاڪ ڪمائي مان روزي ڏي جو ناپاڪ مال ناپاڪ ئي عادتون وجهندو آهي. (فتاويٰ رضويه،453/24)

(76) ماءُ پيءُ جي طرفان مرڻ کان پوءِ قرباني ڪرڻ اجرِ عظيم آهي هن(قرباني ڪرڻ وارن) جي لاءِ به ۽ ان جي والدين جي لاءِ به.

(فتاويٰ رضويه،597/20)

(77) ماني ڪابي هٿ ۾ وٺي ساڄي هٿ سان گرهه پيچڻ تڪبر کي پري ڪرڻ جي لاءِ آهي. (فتاويٰ رضويه،669/21)

(78) عقلمندَ ۽ سعادتمندَ جيڪڏهن اُستاد کان وڏي به وڃن ته ان کي استاد جو فيض ۽ ان جي برڪت سمجهندا آهن ۽ پهريان کان به وڌيڪ استاد جي تعظيم ڪندا آهن. (فتاويٰ رضويه، 310/16)

(79) بي درد کي ٻين جي مصيبت معلوم ناهي ٿيندي. (فتاويٰ رضويه،310/16)

(80) جيستائين ممکن هجي مخالفتِ عادتِ مسلمين (يعني مسلمانن جي عادت جي مخالفت) کان بچو. (فتاويٰ رضويه،299/16)

(81) جنّن کان مکالمو (يعني گفتگو) جي خواهش ۽ ملڻ جي تمنا (۾) اصلي طور خير ناهي(يعني کا ڀلائي ناهي)، گهٽ مان گهٽ جيکو هن جو نقصان آهي اهو هي تہ انسان متکبر ٿي ويندو آهي.
(فتاويٰ رضويه، 606/21)

(82) معافي تقصير(يعني غلطي کي معاف ڪرڻ) ۾ ڪڏهن تاخير ئي مصلحت هوندي آهي. (فتاويٰ رضويه، 606/21)

(83) (پياري آقا ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي) عادتِ ڪريم زمين تي دسترخوان وڇائي کاڌو تناول فرمائڻ هئي ۽ اهوئي افضل آهي.

(فتاويٰ رضويه، 629/21)

(84) ولايت کسبي (يعني ڪوشش سان حاصل ٿيڻ) واري ناهي محض عطائي(يعني الله پاڪ جي عطا کان ملڻ واري) آهي.

(فتاويٰ رضويه، 606/21)

(85) خليفي ۽ وارث ۾ فرق ظاهر آهي جو انسان جي تمام اولاد ان جي وارث آهي پر جانشين ٿيڻ جي خوبي هرهڪ ۾ ناهي. (532/21)

(86) جيستائين زندگي آهي (مسلمان کي گهرجي تہ) آيات و احاديثِ خوف جا ترجمہ اڪثر ٻڌندو ۽ ڏسندو ڪري ۽ جڏهن موت جو وقت اچي وڃي، (ٻيا ماڻهو) اُن کي رحمت واريون آيتون ۽ حديثون ترجمي سان ٻُڌائين تہ جيئن پنهنجي رب کان نيڪ گمان ڪندو اُٿي.
(فتاويٰ رضويه،82/9)

(87) سيني کان پهريان هيءُ لقب(قَاضيُ الْقضاة) اسان جي امامِ مذهب"امام ابو يوسف" جو ٿيو. ( فتاويٰ رضويه،352/21 کان 353)

(88) سَلَف صالح (يعني پهرين زماني جي نيڪ ٻانهن) جي حالت جنازي ۾ اها ٿيندي هئي جو اڻ واقف کي خبر ئي ڪانہ پوندي هئي تہ انهن ۾ اهلِ ميّت ڪير آهي ۽ باقي ماڻهو ڪير، سيئي غمگين نظر ايندا هئا ۽ هاڻي حال اهو آهي جو (ماڻهو) جنازي ۾ دنياوي ڳالهين ۾ مشغول هوندا آهن، موت کان انهن کي ڪا عبرت ناهي ملندي، انهن جون دليون هن کان غافل آهن تہ ميت تي ڇا گذري! (فتاويٰ رضويه،145/9)

(89) شراب حرام آهي ۽ سيني نجاستن ۽ گندگين جي ماءُ آهي. ان جي پيئڻ واري کي دوزخ ۾ دوزخين جو رت ۽ پونء پياريو ويندو. (فتاويٰ رضويه،(659/21)

(90) سُنّي مسلمان جيڪڏهن ڪنهن تي ظلم نتا ڪن تہ انهن جي لاءِ بددعا نہ ڪرڻ گهرجي بلڪ دعاءِ هدايت ڪئي وڃي تہ جيڪو گناه ڪري ٿو ڇڏي ڏئي. (فتاويٰ رضويه،182/23)

(91) (بي نمازي) اهڙو مسلمان آهي جيئن تصوير جو گهوڙو آهي جو شڪل گهوڙي جي ۽ ڪم ڪار ڪجهه بہ نہ. (فتاويٰ رضويه،99/23)

(92) مسجد ناهڻ خير ڪثير آهي خاص طور جيڪڏهن اُتي مسجد جي حاجت(يعني ضرورت هجي) تہ ان جي فضيلت جي ڪا حد ئي ناهي. (فتاويٰ رضويه، 396/23)

(93) قرآنِ عظيم جون معنائون سمجهڻ بلاشبہ مطلوبِ اعظم آهي پر

گهٽ علم هئڻ جي سبب ترجمو ڏسي ڪري سمجهي وٺڻ ممڪن ناهي بلڪ ان جي فائدي سان هن جو نقصان تمام گهڻو آهي جيستائين ڪنهن ماهر عالم ڪامل سُنّي ديندار ڪان نه پڙهي. (فتاويٰ رضويه، 382/23)

(94) (ڪوڙهه جي مرض واري سان گڏ کائڻ) تواَضع ۽ توڪل ۽ اتّباع(يعني عاجزي، الله پاڪ تي پروسي سان) هجي ته ثواب ملندو.

(فتاويٰ رضويه382،23)

(95) وظائف جيڪي احاديث ۾ ٻڌايا ويا آهن يا مشائخ ڪرام بطورِ ذڪر الٰهي ٻڌايا انهن کي بلاوضو به پڙهي سگهو ٿا ۽ باوضو به ها باوضو پڙهڻ بهتر آهي. (فتاويٰ رضويه،399/23)

(96) رات جو آئينو ڏسڻ جي ڪابه ممانعت ناهي، ڪجھ عوام جو خيال آهي ته ان سان منهن تي جهريون پونديون آهن، ۽ ان جو به ڪوئي ثبوت نه شرعي طور آهي نه طبي طور نه وري تجربي طور(يعني هيءَ ڳالهه نه شريعت ڪان ثابت آهي، نه ميڊيڪل ڪان ۽ نه ئي تجربي ڪان.) (فتاويٰ رضويه،490/23)

(97) بُري ڳالهه جي لاءِ سفارش ڪرڻ مثلاً سفارش ڪري ڪوئي گناه ڪرائڻ شفاعتِ سَيِّئه (يعني بري شفاعت) آهي، اُن جي فاعل(يعني سفارش ڪرڻ واري) تي ان جو وبال آهي جيتوڻيڪ (ان جي سفارش) نه مڃي وڃي.

(98) انسان کي جيڪر پلاءُ جي پليٽ ڏني وڃي ۽ چيو وڃي ته هن جي وچين حصي ۾ روپئي برابر زهر مليل آهي، ته ڊڄندو ڊڄندو ڪنارن سان کائيندو ۽ هڪ روپئي جي بدران چار روپين جيتري

جڳهه چڏي ڏيندو. ڪاش! اهڙي احتياط جيڪا پنهنجي بدن جي مُحافظت ۾ ڪري ٿو، دل جي نگراني ۾ بجا آڻي ها. (فتاويٰ رضويه، 518/23)

(99) جنهن کي عام ماڻهو نَحس(منحوس) سمجهي رهيا آهن ان کان بچڻ مناسب آهي ته جيڪڏهن حسبِ تقدير ان کي ڪا آفت پهچي ان جو باطل عقيدو اجان مُستحڪم(يعني مضبوط) ٿيندو ته ڏسو هي ڪم ڪيو هو ان جو هي نتيجو نڪتو ۽ ممڪن (آهي) ته شيطان هن جي دل ۾ به وسوسو وجهي. (فتاوي رضويه، 267/23)

